# رضاءِ الٰهي جي لاءِ اسلاف جون قربانيون

## هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

( اسلامي ڀينرن جي لاءِ )

**31-Aug-2017**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# رضاءِ الٰهي جي لاءِ اسلاف جون قربانيون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرود شريف جي فضيلت

**نبي مُڪرَّم، نُورِ مُجسَّم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو فرمانِ عاليشان آهي: جمعي جي ڏينهن مون تي دُرودِ پاڪ جي ڪثرت ڪريو، ڇوته هر جمعي جي ڏينهن منهنجي اُمّت جو دُرود منهنجي بارگاهه ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، ته انهن مان جيڪو سڀ کان وڌيڪ دُرودِ پاڪ پڙهندڙ هوندو اهو منهنجي سڀ کان وڌيڪ ويجهو هوندو.** (سنن ڪبري للبيهقي ،ڪتاب الجمعة، با ب مايؤمره في ليلة الجمعة،٣/٣٥٣،حديث: ٥٩٩٥)

خوب بھیجو مل کے دیوانو! ادب سے جھوم کر تم مدینے کے حسین گلزار پر لاکھوں سلام

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ

اَلْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:**(1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندَس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندَس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ، ڇڙٻ ڏيڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندَس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُاللهُ , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندَس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس. جيڪو ڪجهہ ٻڌندَس ان کي سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ کان پوءِ ٻين تائين پهچائي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس، دورانِ بيان موبائل جي غير ضروري استعمال کان بچندَس، نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز (ڇو تہ ان جي اجازت ناهي)

## وزارت ڇو قربان ڪيائون؟

منقول آهي تہ خليفہ هارونُ الرَّشيد جو وزير حضرتِ سَيدُنا عبدُاللّٰه بن مشرف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ ڏينهن هارونُ الرَّشيد جي سامهون وينل هو. اُنهن پڇيو: اي مسلمانن جا خليفہ! جيڪڏهن ڪو شخص اوهان جي دربار ۾ درخواست (Request) ڪري تہ منهنجو غلام ڀڄي اوهان وٽ آيو آهي اوهان مون کي منهنجو غلام موٽائي ڏيو، تہ ڇا اوهان ان کي غلام واپس موٽائي ڏيندوء؟ خليفہ چيائين: ڇو نہ. تہ حضرتِ سَيدُنا عبدُ اللّٰه بن مُشرَّف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه عرض ڪيو: سائين! مان بہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو غلام آهيان، جيڪو پنهنجي مالڪِ حقيقي عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ مان ڀڄي آيو آهيان، اوهان مون کي ان جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جي لاءِ ڇڏي ڏيو، تہ جيئن مان ٻيهر ان جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيان. اهو ٻڌي خليفي هارونُ الرَّشيد ۽ اتي موجود تمام حاضرين روئي پيا پوءِ خليفو چوڻ لڳو: اسان مان هن شخص نجات ماڻي ورتي، جڏهن تہ اسان هتي ويهي ان ڏانهن ڏسي رهيا آهيون. اهو چوندي خليفہ هارونُ الرَّشيد انهن کي وڃڻ جي اجازت ڏني، اجازت نامو ٻڌي حضرت سيدُنا عبدُ اللّٰه بن مُشرَّف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اُٿيو ۽ انهيءَ وَقت احرام ٻڌي لَبَّيك اَللّٰهُمَّ لَبَّيك چوندي حرمِ پاڪ ڏانهن روانو ٿي ويو. راهہ ۾ حضرتِ سيدُنا سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهن کي مليا ۽ ڏٺائون تہ هو

زمين تي سمهيا پيا آهن، مٿي اُڏامي سندن چهري تي لڳي رهي آهي. حضرتِ سيدُنا سُفيان ثوري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سلام ڪان پوءِ انهن کان پڇيو: اي عبدالله! سڀ ڪجھ ڇڏڻ جو بدلو الله عَزَّوَجَلَّ تو کي ڇا ڏنو؟

پاڻ فرمايائون: اي سُفيان! الله عَزَّوَجَلَّ جي راھ ۾ پنهنجي وزارت ۽ ٻيو ساز ۽سامان قربان ڪرڻ جي عوض الله عَزَّوَجَلَّ مون کي هي ڏنو جو"مون کي پنهنجي رِضا عطا فرمائي" جنهن ۾، مان هن وقت آهيان. جڏهن حرمِ پاڪ جي مَشائخِ عظام کي نيڪ بخت وزير جي اچڻ جي خبر ملي ته اهي سلام پيش ڪرڻ سندن بارگاھ ۾حاضر ٿيا،انهن جي ڪمزوري۽ دز سان ڀريل ڏسي اُنهن پڇيو: بغير پاڻي جي، بغير ڇانو واري ميدان ۾ سفر اوهان ڪيئن برداشت ڪيو؟

حضرتِ سيدُنا عبدُالله بن مُشرف رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جواب ڏنائون: جنهن مُجرم غلام جي دل ان جي آقا جي دروازي ڏانهن وٺي وڃي رهي هجي، هو پنهنجي آقا جي بارگاھ ۾ ڪيئن ايندو آهي؟ جيڪڏهن مون کي قدرت هجي ها ته مان مٿي ڀر اچان هان، اهو چوندي پاڻ روئڻ لڳا، پڇيو ويو: ڇو روئي رهيا آهيو؟ ارشاد فرمايائون: مون پنهنجو شفيع (مدد گار) اڳتي موڪليو آهي، شايد! ان جي شفاعت قبول ٿئي. جڏهن سندن نظر بَيتُ الله شريف تي پئي ته هڪ وڏي رڙ ڪئي ۽ سندن رُوح جسم مان جُدا ٿي ويو. (حڪايتين ۽ نصيحتين،ص۲٦۹)

بے سبب اے خدا کردے بخشش حشر میں مجھ سے کرنا نہ پُرسش
نام غفّار مولٰی ترا ہے یا خدا تجھ سے میری دعا ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! يقيناً اسان جي بُزرگانِ دين راهه خدا ۾ گهڻيون قُربانيون ڏنيون ڪڏهن مال جي قرباني تہ ڪڏهن جان جي قرباني، ڪڏهن بادشاهت جي قُرباني تہ ڪڏهن وزارت جي قرباني، الغرض جڏهن، جتي، جنهن شيءِ جي قُرباني جي ضرورت پيش آئي اُنهن انهيءَ شيءِ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ قُربان ڪري ڇڏيو جيئن تہ بيان ڪيل حڪايت ۾ هڪ وزير صرف ۽ صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي خاطر پنهنجي وزارت، پنهنجي ڌن دولت، پنهنجو دُنيوي عيش ۽ عشرت سڀ ڪجهہ قُربان ڪري ڇڏيو، رات ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت (Worship) ۾ گُذاري هن دُنيا مان رُخصت ٿيا ۽ صَديون گُذرڻ کان پوءِ بہ انهن جي عظيم قُربانين جي ساراهہ اڄ بہ هر پاسي گونجي رهي آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان صرف ڳالهيون ڪرڻ، فارغ وينو رهڻ، فُضوليات ۾ وقت وڃائڻ ۽ حِيلو بهانو ڪرڻ جي بدران عملي طور تي انهن الله وارن جي مُبارڪ زندگين مان مدني گل حاصل ڪندي الله تعاليٰ جي ذات تي ڀروسو ڪري پنهنجي اندر دِين جي خاطر قُربانيون ڏيڻ جو جذبو بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.**

ياد رکو! انبياءِ ڪرام، صحابہ ڪرام ۽ بعد ۾ ايندڙ بُزرگانِ دِين پنهنجي پنهنجي رتبي مطابق راهہ خدا ۾ قُربانيون ڏنيون ۽ قُربانين جو هي سلسلو اڄ تائين جاري آهي.

حضرت آدم عَلَيه السَّلام جي زماني ۾ سندن شهزادي حضرت سَيدُنا هابيل رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُ رِضاءِ اِلٰهي جي خاطر تقوٰي اختيار ڪندي پهريان پنهنجو مال (يعني ٻڪري) قرباني جي لاءِ پيش ڪئي ۽ پوءِ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي، جنهن جو ذِڪر اللہ عَزَّوَجَلَّ سيپاري 6 سُوْرَہ مَائِدَة ۾ ڪيو ۽ مفسّرن هن واقعي کي تفصيل سان نقل ڪيو،جيئن تہ

## هابيل جي قرباني

"هابيل" ۽ "قابيل" ٻئي حضرت آدم عَلَيه السَّلام جا فرزند (يعني پٽ) آهن. منقول آهي تہ روءِ زمين تي سڀ کان پهريون قاتل قابيل ۽ سڀ کان پهريون مقتول (يعني قتل ٿيندڙ) حضرت سيدنا هابيل رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُ آهن، ٻنهي جو واقعو هن طرح آهي تہ حضرت سيدتنا حوا رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنهَا جي هر حمل ۾ هڪ ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪري پيدا ٿيندا هئا ۽ هڪ حمل جي ڇوڪري جو ٻي حمل جي ڇوڪريءَ سان نڪاح ڪرايو ويندو هو. انهي دستور جي مطابق حضرت آدم عَلَيه السَّلام جن قابيل جو نڪاح "لِيُوذا" سان ڪرڻ چاهيو جيڪا حضرت سيدنا هابيل رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُ سان گڏ پيدا ٿي هئي. پر قابيل انهي تي راضي نہ ٿيو چاڪاڻ تہ اِقليما وڌيڪ خوبصورت هئي ان ڪري هُو اُن جو طلبگار ٿيو. حضرت سيدنا

www.dawateislami.net

آدم عَلَيه السَّلَام جن هُن کي سمجهايو تہ اِقليما توسان گڏ پيدا ٿي آهي ان ڪري هُوءَ تنهنجي ڀيڻ آهي اُن سان تنهنجو نڪاح نٿو ٿي سگهي پر قابيل پنهنجي ضد تي اڙيو رهيو. آخرڪار حضرت آدم عَلَيه السَّلَام جن اهو حڪم ڏنو تہ توهين ٻئي پنهنجون پنهنجون قربانيون ربّ عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ پيش ڪريو، جنهن جي قرباني مقبول ٿيندي اهو ئي اِقليما جو حقدار ٿيندو. انهي زماني ۾ قرباني جي مقبوليت جي اها نشاني هئي جو آسمان تان هڪ باهہ لهي ڪري ان کي کائي ونندي هئي. اهڙي طرح قابيل ڪڻڪ (Wheats) جا ڪجهہ سنگ ۽ سيدنا حضرت هابيل رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن هڪ ٻڪري قرباني جي لاءِ پيش ڪئي. آسماني باهہ حضرت سيدنا هابيل رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي قرباني کي کائي ورتو ۽ قابيل جي ڪڻڪ کي ڇڏي ڏنو. انهيءَ ڪري قابيل جي دل ۾ بُغض ۽ حسد پيدا ٿيو ۽ اُن سيدنا هابيل رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي قتل جو ارادو ڪيو ۽ هابيل کي چيو تہ مان تون کي قتل ڪندس، حضرت سيدنا هابيل رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن چيو تہ قرباني قبول ڪرڻ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جو ڪم آهي ۽ اُهو متقي ٻانهن ئي جي قرباني قبول ڪندو آهي، جيڪڏهن تون متقي هُجين ها تہ ضرور تنهنجي قرباني قبول ٿئي ها. (عجائب القرآن مع غرائب القرآن، ص٨٥-٨٦، ملخصاً،صراط الجنان ،٢/ ٤١٦،تحت الآية ٢٧،ملخصا)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان ڪيل قرآني واقعي مان معلوم ٿيو تہ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي راهہ ۾ قُربانيون ڏيڻ جي اِبتدا آدم عَلَيه السَّلَام جي دَور کان ٿي ۽ هي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جو مُبارڪ طريقو رهيو آهي. انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ

www.dawateislami.net

الصَّلٰوۃُ وَالسَّلام صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ۽ خُوشنودي جي لاءِ دُشوار گذار سفر ڪيا، تڪليفون سنيون، باطِل قُوّتن جو جمي مقابلو ڪيو، پنهنجن شهرن ۽ مُلڪن مان هجرتون ڪيون، پنهنجون زِندگيون وقف ڪيون ۽ جتي ضرورت پيش آئي اتي پنهنجي مُقدّس جانين جو نذرانو پڻ پيش ڪيو. جيئن تہ

## انبياء عَلَيْهِمُ السَّلام جون قُربانيون

حضرتِ سَيدنا ابو عُبيده بن جراح رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه بيان ڪن ٿا تہ مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! قيامت جي ڏينهن ڪن ماڻهن کي سڀ کان وڌيڪ عذاب ٿيندو؟ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جنهن نبي کي قتل ڪيو يا نيڪي جو حڪم ڏيڻ واري ۽ بُرائي کان روڪڻ واري کي قتل ڪيو، پوءِ رَسُولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن آيت جي تلاوت فرمائي:

اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ يَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ حَقٍّ ۙ وَّ يَقْتُلُوْنَ الَّذِيْنَ يَاْمُرُوْنَ بِالْقِسْطِ مِنَ النَّاسِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۲۱﴾ (پ۳ سورۂ اٰل عمران ، ۲۱)

ترجموڪنزالايمان: اُهي جيڪي الله جي آيتُن کان مُنڪر ٿي ٿيا ۽ پيغمبرن کي ناحق شهِيد ٿي ڪيائُون ۽ اِنصاف سان حُڪم ڪندڙن کي قتل ٿي ڪيائُون اُنهن کي خوشخبرِي ڏي دردناڪ عذاب جِي.

پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اي ابو عُبيده! رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه بني اسرائيل صبح جي اوّل وقت ۾ 43 نبين کي شهيد ڪيو، بني اسرائيل جا 112

www.dawateislami.net

عبادت گذار عُلماء بينا ۽ اُنهن هنن کي نيڪي جو حڪم ڏنو، بُرائي کان روڪيو، ته بني اسرائيل ان ڏينهن جي آخري حصّي ۾ انهن سڀني کي به شهيد ڪري ڇڏيو. (جامع البيان،۳/۲۱۶،رقم:۶۷۷۷)

ٹُوٹے گو سر پہ کوہِ بلا صبر کر اے مبلغ نہ تو ڈگمگا صبر کر
لَب پہ حرفِ شکایت نہ لا صبر کر ہاں یہی سُنتِ شاہِ ابرار ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديثِ مُبارڪ مان معلوم ٿيو ته ڪيئي نبين سڳورن راهِ حق ۾ پنهنجي جانين جون قُربانيون پيش ڪيون. اچو! هاڻي حضرتِ سَيدُنا ابراهيم عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي قُربانين جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا ته پاڻ عَلَيه السَّلَام الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي خاطر نه صرف پنهنجي اولاد ۽ اهل و عيال(Family) کي ويران جهنگ ۾ اڪيلو ڇڏي عظيم قرباني جو شرف حاصل ڪيو بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ پنهنجي اولاد قربان ڪرڻ کان به پوئتي نه هٽيا:جيئن ته

## عشق جو امتحان

حضرت سَيِّدُنا اسماعيل عَلَيه السَّلَام جي پيدائش کان پوءِ سندن والد محترم حضرت سَيِّدنا اِبراهيم عَلَيه السَّلَام تي وحي نازل ٿي ته اوهان حضرت هاجره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا ۽

**حضرت اسماعيل** عَلَیہِ السَّلَام **کي ان هنڌ ڪٽي وجو جتي هاڻي ڪعبہ مُعَظم آهي. حضرت ابراهيم** عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام **انهن ٻنهي کي پاڻ سان گڏ بُراق تي سوار ڪري** شام مان سرزمينِ حرم ۾ آيا ۽ ڪعبہ مُقدّس جي ويجهو انهن کي لاٿو، اتي ان وقت نہ ڪا آبادي هئي نہ ڪو چشمو نہ پاڻي،هڪ ٿانوءَ ۾ ڪجورون ۽ ٻئي ٿانوءَ ۾ پاڻي انهن کي ڏئي واپس موٽيا ۽ پوئتي مڙي انهن ڏانهن نہ نهاريو، **حضرت اسمٰعيل** عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام **جي والده حضرت هاجره** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا **عرض ڪيو:** اوهان ڪيڏانهن وڃو ٿا ۽ اسان کي هن وادي ۾ انيس و رفيق (يعني ڪنهن چاڻ سڃاڻ واري) **جي بغير ڇڏي وڃو ٿا؟ پر حضرت ابراهيم** عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام **هن ڳالهہ جو ڪو نہ جواب ڏنو ۽ نہ انهن ڏانهن ڪو ڌيان ڪيو. حضرت هاجره** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا **ڪجهہ ڀيرا ساڳيو عرض ڪيو ۽ جواب نہ مليو تہ چيائون ڇا اللّٰه تعاليٰ اوهان کي هن جو حڪم ڏنو آهي؟ حضرت ابراهيم** عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام **جن فرمايو: ها. هي ٻڌي انهن کي اطمينان ٿيو، حضرت ابراهيم** عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام**تشريف ڪٽي ويا.**

**حضرت هاجره** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا **پنهنجي فرزند حضرت اسمٰعيل** عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام **کي کير پيئارڻ لڳيون، جڏهن انهن وٽ موجود پاڻي ختم ٿي ويو ۽ اڃ جي شدّت ٿي ۽ صاحبزادي جو حلق شريف بہ اڃ سبب سڪي ويو تہ پاڻ پاڻي جي جستجو يا آبادي جي تلاش ۾صَفا ۽ مَروه جي وچ ۾ ڊڪيون، ائين 7 ڀيرا ٿيو، ايستائين جو ملائڪ جي پر هڻڻ تي يا حضرت اسمٰعيل** عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام **جي قدم**

www.dawateislami.net

مبارڪ سبب ان خشڪ زمين ۾ هڪ چشمو (زمزم) ظاهر ٿيو۔ (صراط الجنان، ۱۸۳/۵)

## ٿئي راتيون ساڳيو خواب

حضرتِ سَيِّدُنا اِسْمٰعِيل عَلَيہ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي ننڍپڻ ۾ حضرت سَيِّدُنا ابراهيم خليلُ الله عَلَيۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام اٺين ذوالحج جي رات هڪ خواب ڏٺو جنهن ۾ ڪو چوڻ وارو چئي رهيو هو: ”بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ توکي پنهنجو پٽ ذَبح ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو“. پاڻ صبح ڪان شام تائين انهيءَ باري ۾ غور فرمائيندا رهيا تہ هي خواب الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهي يا شيطان جي طرفان؟ اٺ ذوالحج جو نالو يَوۡمُ التَّرۡوِيَہ (يعني سوچ ويچار جو ڏينهن) انهيءَ ڪري رکيو ويو. نائين رات وري ساڳيو خواب ڏٺائون ۽ صبح يقين ڪري ورتائون تہ هي حڪم الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهي. ان ڪري 9 ذوالحج کي يَوۡمِ عَرَفَہ (يعني سڃاڻپ وارو ڏينهن) چيو ويندو آهي. ڏهين رات وري اهوئي خواب ڏسڻ کان بعد پاڻ عَلَيۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام صبح جو هن خواب تي عمل ڪرڻ يعني پٽ جي قرباني جو پڪو ارادو ڪري ورتو، انهيءَ ڪري 10 ذوالحج کي يَوۡمُ النَّحۡر (يعني ذبح جو ڏينهن) چيو ويندو آهي. (تفسيرِڪبير، ۳۴۶/۹)

## اطاعت گذار هجي تہ اهڙو!

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! يقيناً اَنۡبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جو مَقام ۽ مَرتبو سڄي مَخلوق ۾ بُلند ۽ بالا آهي، لهٰذا ان تي ايندڙ اِمتحانات بہ ايتري قَدر شديد

هوندا آهن، پر قُربان وڃو! هن مُقدَّس هستين جي صَبر و اِستِقلال تي جو انهن ان راهه ۾ ايندڙ مُشڪلاتن کي خُوشي خُوشي برداشت ڪيو ۽ بارگاهه اِلٰهي ۾ سُرخرو ٿي بُلند دَرجات حاصل ڪيا. انهن جون اهي ئي عظيم قُربانيون باقي دُنيا تائين جي ماڻهن جي لاءِ مَشعَلِ راهه آهن. جيئن ته بيان ڪيل واقعي مان معلوم ٿيو ته حضرت سَيدُنا اِسمٰعِيل عَلَیہِ السَّلام الله عَزَّوَجَلَّ جا مُقرَّب ۽ بَرگُزِيده نبي آهن، الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي خُصوصي اِنعام و اِڪرام سان نوازيو آهي، اهو ئي سبب هو جو ته پاڻ تي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان جيتريون به آزمائشون آهيون، پاڻ انهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي تَوفيقِ سان ثابِت قَدَم رهيا ۽ دل و جان سان ان قرباني جي لاءِ تيار ٿي ويا، جنهن جو حڪم الله عَزَّوَجَلَّ سندن والد کي ڏنو هو. هن واقعي مان اهو به معلوم ٿيو ته حضرت سَيدُنا اِبراهيم عَلَیہِ السَّلام پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جا نهايت ئي اِطاعت گُذار ۽ فرمانبردار ٻانها هئا جو (پاڻ رِضاءِ اِلٰهي جي خاطر پنهنجو) اهو پٽ جيڪو گهڻين دُعائن کان پوءِ پوڙهائپ ۾ مليو هو، جيڪو سندن اکين جو نُور ۽ دل جو سُرُور هو، فِطري طور تي حضرت اِبراهيم عَلَیہِ السَّلام ان کي ڪڏهن به پاڻ کان جُدا نه ڪري پئي سگهيا، پر الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي خاطر پنهنجي پياري فَرزَند ۽ گهرواريءَ کي وادي بَطحا جي ان ويران هنڌ تي ڇڏي آيا جتي مٿو لڪائڻ جي لاءِ وڻ جا پن ۽ اڃ ختم ڪرڻ جي لاءِ پاڻي جو هڪ قَطرو به نه هو، نه اتي ڪو يار و مَدَدگار، نه ڪو مُونِس ۽ غمخوار. اسان

مان کو هجي هئا ته ان جي تَصوُّر ئي سان ان جي سيني ۾ دل تيز ڌڙڪڻ لڳي ها، بلڪ غم جي شِدَّت وچان شايد ڦاٽي پئي ها. پر حضرت ابراهيم خَلِيلُ الله عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام، الله عَزَّوَجَلَّ جو هي حڪم ٻڌي نه فِڪر مَند ٿيا، نه هڪ گهڙي جي لاءِ سوچ ويچار ۾ پيا، نه رَنج ۽ غَم جو شڪار ٿيا، بلڪ هڪدم پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جو حڪم مڃيندي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ماڻڻ جي لاءِ گهرواريءَ ۽ پٽ کي ڪٽي مُلڪ شام مان سَرزمينِ مڪه هليا ويا ۽ اتي گهرواريءَ ۽ پٽ کي ڇڏي ملڪ شام واپس موٽي آيا.

## آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون قُربانيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ڀين نبين سڳورن وانگر اسان جي آقاءِ مهربان، رحمتِ عالميان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ به بي شُمار قُربانيون ڏنيون، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏنل قُربانين کان ڪير واقف ناهي، اعلانِ رسالت ٿيندي ئي بدبخت ڪافرن جي طرفان ظلم ۽ جَفا جون آنڌيون هلڻ لڳيون، ڪڏهن ظُلم و سِتم جو زور وڌي ويو ته ڪڏهن طرح طرح جا اِلزام لڳايا ويا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ ڪوڙو، ڪاهن، جادُوگر چيو ويو، راهه ۾ ڪنڊا وڇايا ويا، پٿرن جو مينهن وسايو ويو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ايمان آڻڻ وارن تي قاتلاڻا حملا ڪيا ويا، ايستائين جو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خانه ڪعبه تي اَشڪبار نگاهه

وجهندي مڪي شريف کان مديني پاڪ ڏانهن الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان هجرت فرمائي. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مدينہ منوره پهچڻ تي بہ سڪون سان نہ ويهڻ ڏنو. بدبخت ڪافرن جو غيظ و غضب ايتري قدر وڌيو جو هو آقاءِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ اهلِ مدينہ جي جان جا بہ دشمن ٿي ويا انهن جي طرفان لڙايون مڙيون ويون. (سيرتِ مصطفٰے،ص۱۱۴تا۱۱۶ ملتقطاو ملخصا)

وہ دینِ حق کے واسطے طائف میں زخم کھائیں افسوس ہم پھنسے رہیں بس کاروبار میں
گم ہو کے عشقِ مصطفٰے میں اے خدائے پاک کرتا رہوں بیان سدا اَشکبار میں
تبلیغِ دین کے لئے دَر دَر پھروں اے کاش! طالِب ہوں ایسے وَلوَلے کا کِردِگار میں

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سيرت تي هلندي اسان کي بہ ڪپي تہ اسان بہ رب عَزَّوَجَلَّ جي رِضا خاطِر اِسلام جي تَروِيج واِشاعَت، سُنَّتون سکڻ ۽ ماڻهن ۾ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي جِگر پارن، اکين جي تارن کي پاڻ کان جُدا ڪري ڪيئي سالن يا مهينن جي لاءِ نہ بلڪ مهيني ۾ صِرف 3 ڏينهن جي لاءِ راهِ خُدا ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر تي روانو ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع ۾ بہ شِرڪت ڪرڻ اسان جو مَعمُول بڻجي وڃي. سُنَّتن تي

عمل ڪرڻ ۽ پنھنجي ٻارن کي ٻہ سُنَّتن تي عمل جي ترغيب ڏيارڻ جي سَعادَت نصيب ٿئي.

ڪڏھن ڪڏھن ڏٺو ويندو آھي جو ڪي ماڻھو پنھنجي ٻارن جي ھدايت جي لاءِ، انھن جا نيڪ بڻجڻ جي لاءِ دُعا ڪرڻ جو چوندا آھن، حضرت دُعا ڪريو، منھنجو پٽ بس نمازي بڻجي وڃي، ان جي بُرن دوستن جي دوستي جي ڪري اسان وڏا پريشان آھيون، اسان جي مڃي نٿو، بس اوھان دُعا ڪريو ھي نيڪ بڻجي وڃي. ان تي اسان کي ٻہ غور ڪرڻ گھرجي تہ ڇا اسان ڪي خود نيڪ ناھي بڻٽو؟ ڇا اسان ڪي نماز جي پابندي ناھي ڪرٽي؟ ڇا قرآنِ ڪريم جي تلاوت اسان کي ناھي ڪرٽي؟ سُنّتن جو پابند اسان نہ بڻجنداسين؟. اچو! اج کان اسان سيئي ھي پڪو اِرادو ڪيون ٿا تہ اسان ٻہ پنھنجي زِندگي **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي احڪامن جي مطابق گذاريندا‌سين. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

سُنّتوں کی کروں خُوب خِدمت ہر کسی کو دُوں نیکی کی دعوت
نیک میں بھی بنوں اِلتِجا ہے یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صحابہَ ڪرام جون قُربانيون

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** جھڙي طرح انبياءِ ڪرام **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ۽

خُوشنودي جي لاءِ هر موقعي تي قُربانيون پيش ڪيون، اهڙي طرح صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان بہ پنهنجي دَور ۾ گهڻيون قُربانيون ڏنيون، بعض صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان پنهنجو گهر ٻچا ڇڏي مڪي کان مديني ڏانهن هجرت ڪئي ۽ مهاجر جو لقب ماڻيو. مدينہ منوره ۾ رهڻ وارا صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان بہ قرباني ڏيڻ ۾ پوئتي نہ رهيا بلڪ فَراخ دِلي سان پنهنجي مُهاجر ڀائرن جي لاءِ پنهنجا گهر، زمينون، ۽ ضرورت جون ٻيون شيون ايثار (Sacrifice) ڪري اَنصار (مددگار) هئڻ جي مثال قائم ڪيائون. صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان جي وڏي تعداد اسلام جي سَربُلندي جي لاءِ پنهنجون جانون قُربان ڪيون ۽ شهادت واري رتبي تي فائز ٿيا. ڪن پنهنجي مال جي قرباني پيش ڪئي. اچو! هاڻي صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان جا ڪجھ واقعا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا تہ اُنهن رِضاءِ الٰهي جي لاءِ دينِ اسلام جي خاطر ڪهڙي طرح پنهنجي مال ۽ جان جون قُربانيون ڏنيون.

## هڪ صحابي جون مالي قُربانيون

ائين تہ سيني صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان مختلف انداز ۾ قُربانيون پيش ڪيون پر جليلُ القَدر صحابي حضرت سيدنا عبدُالرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْه جو انداز بہ نرالو آهي. جيئن پاڻ (١) نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حياتِ مُبارڪ ۾ هڪ ڀيري 4 هزار دِينار خيرات ڪيا (٢) هڪ ڀيري 40 هزار دِينار (دِينار سوني

سڪي ڪي چيو ويندو آهي) راهه خدا ۾ ڏنا (٣) هڪ ڀيري 500 گهوڙا مجاهدن ڪي ڏنا (۴) هڪ ڀيري 1500 اُٺ راهه خدا ۾ ڏنا (۵) وفات مهل 50 هزار دِينار خيرات ڪرڻ جي وصيت فرمائي (٦) هڪ ڀيري جڏهن پاڻ بيمار ٿيا تہ پنهنجو تهائي (ٽيون حصو) مال خيرات ڪرڻ جي وصيت ڪئي پر بعد ۾ صحيح ٿي ويا تہ اهو مال پاڻ ئي خيرات ڪري ڇڏياؤن (٧) هڪ ڀيري صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان کي چيائون تہ جيڪو بدر ۾ شريڪ ٿيو ان مان هر هڪ کي 400 دِينار ڏيندس (٨) هڪ ڀيري هڪ ڏينهن ۾ ڏيڍ لک (1,50,000) دِينار خيرات ڪيا، رات کي حساب لڳايو پوءِ چيائون تہ منهنجو سمورو مال مهاجرين ۽ انصار تي صدقو آهي ايستائين جو فرمايائون: منهنجي قميص ڦُلاڻي کي ۽ منهنجو عمامو ڦُلاڻي کي (ڏجو)(حضرت سيدنا)جبريلِ امين (بارگاهه رسالت ۾) حاضر ٿيا، عرض ڪيائون: يارَسُوْلَ الله (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ)! عبدالرحمٰن جا صدقا قبول (ٿيا) ، انهن کي بي حساب جنّتي هئڻ جي خبر ڏيو (٩) پاڻ 30 هزار غلام آزاد ڪيا (١٠) اَزواجِ مُطهرات جي خدمت ۾ هڪ باغ (Garden) پيش ڪيو (جيڪو 40 هزار ۾ وڪاميو) .

(مرآۃ المناجیح،۴۴۵/۸)

## مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم"مدني انعامات"

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ڏٺو اوهان! حضرت سَيدُنا عبدُالرَّحمٰن بن عوف رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ دينِ اسلام جي ترقي جي لاءِ مختلف موقعن تي پنهنجو ڪثير مال

راهه خدا ۾ قُربان ڪيو. يقيناً بُزرگانِ دين جي هنن ڪارنامن جو جڏهن تذڪرو ڪيو ويندو آهي اسان جي دلين ۾ به اهڙا ڪم ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيندو آهي، هنن مبارڪ هستين جا اهي واقعا اڄ به اسان جي لاءِ مشعلِ راهه آهن. تنهنڪري اسان کي به کپي ته اسان به دينِ متين جي سربلندي ۽ سُنَّتن جي دعوت کي عام ڪرڻ خاطر پنهنجي تَن مَن ڌَن ۽ وقت جي قرباني ڏيڻ جو جذبو (Passion) بيدار ڪريون. هي مدني جذبو ماڻڻ جو بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿيڻ ۽ مَدَني ڪمن ۾ عملي طور تي حصو وٺڻ به آهي. 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم پنهنجي عملن جو مُحاسَبو ڪندي ”مَدني انعامات تي عمل“ روزانو فڪرِ مدينه ۽ پوءِ مهينو ختم ٿيڻ تي پنهنجي ذميدار کي مدني انعامات جو رِسالو جمع ڪرائڻ به آهي. هر دعوتِ اسلامي واري کي کپي ته پاڻ به مدني انعامات تي عمل ڪرڻ ۽ مدني انعامات جو رِسالو جمع ڪرائڻ سان گڏوگڏ هر مهيني ڪجهه نه ڪجهه مثال طور 26 رسالا ٻين اسلامي ڀائرن ۾ به ورهائن، جن کي رِسالو ڏيو، انهن جو نالو، رابطه نمبر/واٽس ايپ نمبر به اوهان وٽ موجود هجي، انهن کي وقت بوقت مدني اِنعامات تي عمل جي ترغيب جي لاءِ اِنفرادي ڪوشش جو سلسلو به جاري رهي ۽ مدني انعامات جي رِسالي جي وُصولي جي لاءِ به ترڪيب ڪئي وڃي. اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ اسان جا بزرگان دين نه صرف پاڻ پنهنجي عملن جو

مُحاسبو ڪندا هئا بلڪ ماڻهن کي بہ ان جو ذِهن ڏيندا هئا جيئن

اَمِيرُ الْمُؤمِنِيْن حضرتِ سَيدُنا عُمر فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: ”اي انسانو! پنهنجي عملن جو حساب ڪري وٺو، ان کان پهريان جو قيامت اچي وڃي ۽ توهان کان ان جو حساب ورتو وڃي. (حلية الاولياء ،ج١،ص٥٦)

شيخِ طريقت ،اميرِ اهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جن آسان(Easy) ۽ بهتر انداز ۾ فڪرِ مدينہ (يعني پنهنجو محاسبو) ڪرڻ جي حوالي سان اسان جي جيڪا رهنمائي فرمائي آهي، اها واقعي ساراهہ جوڳي ۽ عمل لائق آهي، پاڻ هن پُرفِتَن دَور ۾ فڪرِ آخرت جو ذِهن بڻائڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي طريقن تي مُشتمل مَدني اِنْعامات سُوالن جي صورت ۾ عطا فرمايا آهن. اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، ديني طالب علمن جي لاءِ 92،ديني شاگردياڻين جي لاءِ 83 ۽ مدرسة المدينہ جي مدني مُنّن جي لاءِ 40 مَدَني اِنعامات آهن، اِهڙي طرح خُصُوصي يعني گونگن ٻوڙن ۽ نابين اسلامي ڀائرن جي لاءِ 27، . اچو! مدني انعامات جي رسالي جي هڪ مدني بهار مُلاحظہ ڪيو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدني انعامات تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان چل مدينہ جي سعادت ملي وئي.

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي حلفيہ بيان جو خلاصو

آهي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان جو گهراڻو آقاءِ نعمت، مجددين و ملت مولانا شاهہ احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه هڪ عظيم المرتبت خليفہ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه جي اولاد مان آهي. سيدي اعلي حضرت رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه جو اهو مڪرم خليفو منهنجي والده محترمہ جو نانا جان هو ۽ اسان جا سيئي گهر وارا انهيءَ جي دستِ مبارڪ تي بيعت آهن. ان جي بيعت جي برڪت سان اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ سيدي اعلي حضرت جي محبت و عقيدت رڳ رڳ ۾ سمايل هئي، پر عملي زندگي ۾ اسان جي مثال خالي ڪاغذ وانگر هئي بالخصوص نماز جي پابندي کان محرومي هئي پڻ فيشن پرستي ۽ گانا جابا ٻڌڻ جي نحوست ڇايل هئي، غصو ۽ ڇڙڇڙوپن اسان جي عادتِ ثانيہ هئي. منهنجي ڦوڦي جي پُٽ (جيڪو دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هو) انفرادي ڪوشش ڪندي منهنجي پاءُ کي بہ دعوتِ اسلامي جي هفتہ وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي نہ صرف دعوت ڏني بلڪ پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ شروع ڪري ڇڏيو. پاءُ سنتن ڀريي اجتماع کان واپسي تي اجتماع جو ماجرو ٻڌايو جنهن ۾ سيدي اعلي حضرت جو ذڪرِ خير ٻڌڻ جي لاءِ مليو جنهن جي سبب مون کي دعوت اسلامي جي مدني ماحُول ۾ پنهنجائپ محسوس ٿيڻ لڳي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ انهيء پنهنجائپ جي سوچ مون کي پهرين ڀيري 1985 جي سالانہ سنتن ڀريي اجتماع جي خصوصي نشست ۾ شرڪت تي اڀاريو. جئين تہ مان بہ اسلامي ڀينرن سان گڏ اجتماع ۾ شريڪ

ٿيس. جتي مان پردي ۾ رهي ڪري سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان ٻڌو ۽ رقت انگيز دعا گهري. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان مون کي گناهن کان توبهه ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي، فڪرِ آخرت مليو، جنهن تي استقامت پائڻ جي لاءِ مون مدني انعامات تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني انعامات تي عمل جي برڪت سان مون کي چل مديني جي سعادت ملي وئي.

## اولياءِ ڪرام جون قُربانيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! دينِ اسلام جي رُشد ۽ هدايت سان معمور روشن تعليمات سان سڄي جڳ کي مُنوَّر ڪرڻ جي لاءِ اولياءِ عظام ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن به صرف ۽ صرف ان جي رِضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ خوب قُربانيون ڏنيون. شهنشاهِ بغداد، حضورِ غوثِ پاڪ حضرت سَيدُناشيخ عبدُ القادر جيلاني رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡه صرف 17سال (۽ هڪ قول جي مطابق 18 سال) جي عمر ۾ پنهنجي امڙ کان اجازت وٺي جيلان شريف کان بغدادِ مُعلّٰي جي سفر لاءِ نڪتا. طالبِ علمي دوران بُک، اُڃ، فاقي ۽ گوشه نشيني جي آزمائشن تي صبر ۽ اِستقامت سان قائم رهي عظيم مرتبو ماڻيو ۽ سڄي زندگي دينِ اسلام جي اِشاعت ۽ نيڪي جي دعوت جي لاءِ وقف ڪئي. (قلائد الجواهر، ص١٠مفهوما)

www.dawateislami.net

واه کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا اُونچے اُونچوں کے سروں سے قدم اعلٰی تیرا

## خواجہ غريب نواز جي قرباني!

سلطانُ الهند، خواجہ غريبِ نواز معينُ الدين چِشتي اجميري رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ تقريبن 15 سال جي ڄمار ۾ بُخارا، سمر قند، نيشا پور جو سفر ڪيائون. جڏهن مديني جي تاجور، نبين جي سرور، حضورِ انور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه منور ۾ مديني شريف حاضر ٿيا تہ معينُ الدّين (دين جو مددگار) جو خِطاب (Title) عطا ٿيو ۽ نيڪي جي دعوت جي خاطر هند جي شهر اجمير وڃڻ جو حڪم ٿيو. سندن نيڪي جي دعوت جي برڪت سان بيشمار غير مسلم اسلام قبول ڪيو. پاڻ سڄي زندگي رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ارشاداتِ عاليہ کي عام ڪرڻ جي لاءِ وقف ڪئي.

(اللہ کے خاص بندے عبدہ، ص۵۰۸ تا۵۱۳،ملتقطا)

یا خواجہ کرم کیجئے ہوں ظُلمتیں کافُور باطِل نے بڑے زور سے سر اپنا اُٹھایا

## داتا صاحب جي قرباني !

پيارا پيارا اسلامي ڀينرون! دينِ اسلام جي تعليمات کي عام ڪرڻ جي لاءِ ئي حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ گهر بار ڇڏڻ جي قرباني ڏني، شهرِ غَزني (افغانستان) جي محلي هجوير کان سفر ڪيو ۽

مرڪزُ الاولياء لاهور ڪي پنهنجو نڪاڻو ۽ مَدفَن جي لاءِ چونڊيو. اهڙي طرح بيشمار اوليائن سڳورن عيش و آرام ۽ پنهنجو گهر ٻچا ڇڏي، تڪليفون برداشت ڪيون، زندگيون وقف ڪيون ۽ جانيون قربان ڪيون.

## اميرِ اهلِسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جون قُربانيون

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مبارڪ زندگي بہ سُنّت کي زنده ڪرڻ۽نبي رحمت، شفيعِ اُمَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري اُمّت جي اِصلاح جي لاءِ وقف آهي. پاڻ تبليغِ قرآن ۽ سُنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي کي بابُ المدينہ ڪراچي مان شروع ڪيو ۽ اڄ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني پيغام سڄي دنيا ۾ عام آهي. اصلاحِ اُمَّت جي عظيم ۽ مُقدس جذبي جي تحت ڪيئي ڪتابن سان گڏ شُهره آفاق، پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ شايع ٿيندڙ بيشمار سُنّتن جو مجموعو، “فيضانِ سنت” جهڙي ضخيم ۽ عظيم ڪتاب ۽ مختلف موضوعن تي مشتمل ڪيئي ڪتاب ۽ رسالا پڻ لکيا. عقائد ۽ اعمال جي اصلاح جي لاءِ سوين موضوعن تي بيان، شرعي، تنظيمي ، تاريخي ۽ طِبّي وغيره معلومات سان معمور مدني مذاڪرن جو سلسلو سالن کان جاري آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَلٰى اِحْسَانِهٖ

شہا عطارؔ پر ہر آن رحمت کی نظر رکھنا کرے دن رات یہ سنّت کی خدمت یا رسول اللہ

## نفس جي قرباني

امیرِاَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ١٤٢٤ھ ۾ عيدُالاضحٰي جي موقعي تي مُلڪ کان ٻاهرهئا. بعض دعوتِ اسلامي جي ذمہ دارانِ جي بيحد اصرار تي پاڻ عيدُالاضحٰي پاڪستان ۾ ملهائڻ جي حامي ڀري پر عيد کان صرف ڪجھ ڏينهن پهريان اي ميل ذريعي هي پيغام موڪليو: جمعي جي رات (٨ ذوالحجة الحرام ١٤٢٤ھ) تي پرواز هئي، اربع جو دل ۾ هلچل پيدا ٿي. مون گھڻو غور ڪيو ۽ ان نتيجي تي پهتس تہ مان عيد بابُ المدينہ ۾ اچي ڌوم ڌام سان خُوب رونق ڀري ماحول ۾ ٻارن، گھر وارن ۽ ڪثير اسلامي ڀائرن سان گڏ ملهائيندس. بابُ المدينہ اچڻ ۾ نفس جي پيروي آهي ۽ ٻاهرين ملڪ ۾ رهي تحريري ڪم ڪرڻ ۾آخرت جي بهتري، بابُ المدينہ ۾عوام جي رش ۾ گُناهن جي ڪثرت ۽ هتي جي اڪيلائي سبب گناهن کان ڪافي بچت، عوام جي گھماگھمي ۾ زبان ۽ اک جي حفاظت نهايت ئي مشڪل جڏهن تہ هتي پنهنجي گھر تي زبان ۽ اکين جو قفلِ مدينہ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ ڪافي حد تائين حاصل. (ان ڪري) سوچيو في الحال بابُ المدينہ ۾ وڃي نفس کي خُوش ڪرڻ کان علاوه دِين جي اَهم ڪم کي سَر انجام ڏيڻ جي بظاهر ڪا صورت سامهون نہ آهي، قرباني جا ڏينهن آهن ۽ ظاهر آهي قرباني اها ئي آهي جيڪا نَفس کي ڏکي لڳي، لهٰذا! نفس جي قرباني ڏيڻ ئي مناسب آهي، تنهنڪري!

www.dawateislami.net

آخِرت جي بهتري تي نظر رکندي مون بابُ المدينہ اچڻ جو اِرادو مُلتوي ڪيو آهي. (تعارفِ امیر اهلسنت،ص۶۵)

## رسالو”جوشِ اِيماني“ ”حُسَيني گهوٽ“ ۽ ”ابوجَهل جو مَوت“ جو تعارف

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسلافِ ڪرام جي بيان ڪيل اخلاص سان ڀرپور عظيم قُربانين تي مشتمل فڪر انگيز واقعا ٻڌي ڪري تي سگهي ٿو تہ اسان جو بہ رِضاءِ الٰهي جي خاطر قرباني ڏيڻ جو ذهن بڻيو هجي. اسلافِ ڪرام جي قُربانين جي باري ۾ وڌيڪ معلومات جي لاءِ اميرِ اَهلسُنّت جا 3 رسالا بنام ”جوشِ اِيماني، حسيني گهوٽ ۽ ابو جهل جو موت“ جو مُطالعو ڪرڻ بہ انتهائي مفيد آهي. مسلمانن ڪي بہ رِضاءِ الٰهي جي خاطر راهِ خدا ۾ قرباني ڏيڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ يادگارِ اَسلاف،اميرِ اهلسنَّت پنهنجي هنن مُنفرد رسالن ۾ صحابہَ ڪرام ۽ ٻين بُزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جي شُجاعت و بهادري ۽ راهِ خدا ۾ دينِ متين جي خاطر پيش ڪندڙ بي مثل ۽ بي مثال ۽ شاندار قُربانين تي مشتمل رِقّت انگيز واقعن ڪي نهايت خوبصورت ۽ آسان انداز ۾ تحرير فرمايو آهي، تنهنڪري اڄ ئي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هنن ٽنهي رسالن ڪي هديةً طلب فرمائي پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ اسلامي ڀينرن ڪي بہ تحفةً پيش ڪريو. دعوتِ اِسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net

www.dawateislami.net

تان هنن رسالن کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرِنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دينِ اسلام ۾ قُرباني جي اَهميت

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** بيان ڪيل قرباني جي واقعن مان اسان کي هي مدني گل حاصل ٿيا تہ اسان پنهنجي اندر صبر ۽ شڪر جهڙيون عادتون پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪريون ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ قُربانيون ڏيڻ جو ذهن بڻايون تہ جيئن وقت اچڻ تي بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي اسان راهہ خدا ۾ قُربانيون ڏئي سگهون. ان اَوصافِ حميده (پسنديده ۽ نيڪ صفتن) کي پنهنجي ذات تي نافذ ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو هي بہ آهي تہ اسان پنهنجي بزرگن جي سيرت ۽ ڪردار جو مطالعو ڪريون. جڏهن انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ۽ اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي واقعن کي پڙهنداسين تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن جي صدقي اسان کي بہ قُربانيون ڏيڻ ۽ مصيبتن تي صبر ڪرڻ جو ذهن بہ بڻجندو. اچ اسان حضرت سَيِّدُنا ابراهيم عَلَيه السَّلَام جي متعلق ٻڌو. پاڻ عَلَيه السَّلَام پوري زندگي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ گذاري، حڪمِ خداوندي ۾ پنهنجو تَن، مَن ۽ ڌَن قربان ڪرڻ جو عملي مظاهرو ڪيو. ايستائين جو چنڊ جهڙو پُٽ بہ راهِ خدا ۾ قربان ڪرڻ کان نہ ڪيٻايو. **الله** عَزَّوَجَلَّ کي سندن عَلَيه السَّلَام

جي هي ادا ايتري پسند آئي جو تمام اُمّتِ مسلمہ کي حکم فرمائي ڇڏيو تہ توهان بہ منهنجي خليل (عَلَيه السَّلَام) جي ان ادا تي عمل کندي جانور ذَبح کندا ڪريو.

## هروار جي بدلي هڪ نيڪي

حضرتِ سَيدُنا زيد بن اَرْقم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو، يَا رَسولَ الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي قربانيون ڇا آهن؟ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: توهان جي پيءُ اِبراهيم عَلَيه السَّلَام جي سُنّت آهن. صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن عرض ڪيو: يَا رَسولَ الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن ۾ اسان جي لاءِ ڇا ثواب آهي؟ فرمايو: هر وار جي بدلي هڪ نيڪي آهي. عرض ڪيو: ۽ اُن ۾؟ فرمايو: ان جي هر وار جي بدلي بہ هڪ نيڪي آهي.
(ابن ماجه ،ڪتاب الاضاحي، باب ثواب الاضحيه ،٣/٥٣١،رقم:٣١٢٧)

## قرباني محفوظ ٿيندي آهي

هڪ بي هنڌ ارشاد فرمايائون: اي انسانو! خوش دلي سان قرباني کندا ڪريو ۽ اُن جي رت تي رضاءِ الٰهي عَزَّ وَجَلَّ ۽ اَجُر جي اُميد رکو ڇاڪاڻ اها زمين تي ڪري ڇڪي هجي، ڇو جو اها الله عَزَّوَجَلَّ جي حفاظت ۾ ڪرندي آهي.
( معجم اوسط،٦/١٤٨،حديث:٨٣١٩)

www.dawateislami.net

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ياد رکو! جنهن شخص تي شَرعي اُصولن جي بنياد تي قرباني واجب آهي ان تي قرباني جي متعلق مسئلا سکڻ به لازم آهن. في زمانو علمِ دين کان دُوري جي سبب مسلمان ان اهم فريضي کي به ڪَمَاحَقُّهٗ (جهڙو ان جو حق آهي) ادا نه ٿا ڪن، اسان جي معاشري جو هڪ تعداد اهڙو آهي جنهن جي ديني معلومات جو حال هي آهي ته هڪ ئي گهر ۾ رهڻ وارن مختلف مالڪِ نصاب فرد پوري گهر جي طرفان هڪ ئي ٻَڪرو قربان ڪري ڇڏيندا آهن ۽ قرباني جي لاءِ جانور ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ يا ڪهڙي عيب جي سبب قرباني نه ٿيندي؟ انهن کي معلوم ئي نه هوندو آهي ۽ اهي قرباني ڪرڻ کان بعد ان خوش فهمي ۾ مبتلا رهندا آهن ته اسان به سُنّتِ ابراهيمي تي عمل ڪري ورتو ۽ اسان جو واجب ادا ٿي ويو. جڏهن ته انهن جي ذمّي واجب جي ادائيگي باقي رهندي آهي. ان لاءِ قرباني جي احڪامات جو علم هئڻ ضروري آهي. قرباني ۾ پيش اچڻ وارن مسئلن جي متعلق شيخِ طريقت،اميرِ اَهلسُنَّت،بانيِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابُو بلال محمدالياس عطّارقادري رَضَوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 48 صفحن تي مشتمل رسالي "**ابلق گهوڙي سُوار**" جو مطالعو بيحد مُفيد آهي. هر اسلامي ڀاءُ کي گهرجي ته قرباني ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ضرور هن رسالي جو مطالعو فرمائي وٺي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّ وَجَلَّ علمِ دين جو عظيم خزانو هٿ ايندو ۽ قرباني جي ڪيترن

www.dawateislami.net

ئي مسئلن کان بہ آگاهي نصيب ٿيندي. قرباني جي متعلق مزيد معلومات جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”**بهارِ شريعت جلد** 3 **حصو** 15“ مان قرباني جي مسائل جو مطالعو ڪريو يا دارُ الافتاء اهلسُنّت سان رجوع ڪريو.

## قرباني جون کلون دعوتِ اسلامي کي ڏيو:

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي،** دين جي خدمت جي تقريباً 104 شعبن ۾ سُنّتن جي خدمت ۾ مشغول آهي. انهن تمام شعبن کي هلائڻ جي لاءِ ڪروڙين روپيا خرچ ٿيندا آهن. اسان کي بہ ثواب جي خاطر **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جي ترقي جي لاءِ پنهنجي گهر، رشتيدارن ۽ پاڙي وارن ۽ گڏوگڏ مختلف علائقن ۾ وجي **دعوتِ اسلامي** جي شعبن جو تعارف ڪرائيندي قرباني جون کلون جمع ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش بہ ڪرڻي آهي ۽ پنهنجن عزيزن ۽ رشتيدارن کي هي ترغيب بہ ڏيارڻي آهي تہ اهي بہ پنهنجي **قرباني جي جانورن جون کلون دعوتِ اسلامي** کي ڏئي ڪري نيڪي جي ڪمن ۾ اڳتي وڌي حصو وٺڻ جي سعادت حاصل ڪن.

## مجلسِ رابطہ بالعلماوالمشائخ

اچو! پنهنجي اندر مدني ڪمن کي ڪرڻ جي تڙپ اُجاگر ڪرڻ ۽ پنهنجي معلومات ۾ اضافي جي نيت سان دعوتِ اسلامي جي هڪ اهم ترين شعبي ”مجلسِ رابطہ بالعلما والمشائخ“ جو مختصراً تعارف ٻڌون ٿا. ياد

رهي! ”مجلسِ رابطہ بالعلما والمشائخ“ جو بنيادي مقصد سُنّي علماء ڪرام ۽ مشائخ عظام مثال طور مسجدن جي امامن خطيبن ۽ پيرانِ طريقت وغيره کي دعوتِ اسلامي جي دِيني خدمتن کان آگاھ ڪرڻ، مدني ڪمن ۾ انهن جي مدد حاصل ڪرڻ، انهن جون دعائون وٺڻ ۽ سُنّي جامعات ۽ مدارس ۾ مدني ڪمن جي ترڪيب بڻائڻ، هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۽ هفتيوار مدني مذاڪري، مختلف تربيتي اجتماعن ۾ سُنّي جامعات ۽ مدارس جي شاگردن کي شرڪت ڪرائڻ، انهن جي لاءِ مناسب خيرخواهي جو اِنتظام ڪرڻ آهي، تہ جيئن هن طبقي ۾ دعوتِ اسلامي بابت سنا تاثرات قائم ٿين، انهن جي دعائن ۽ انهن جي رهنمائي جي برڪت سان دعوتِ اسلامي مزيد ترقين جون منزلون طي ڪندي وڃي.

الله تعاليٰ دعوتِ اسلامي ۽ مجلسِ رابطہ بالعلما والمشائخ کي وڏيڪ ترقيون ۽ عروج عطا فرمائي.اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں     اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ابو عطار جو ذڪرِ خير

پياريون پياريون اسلامي ڀيرنون! ذُوالحِجَّةِ الحَرام ۾ شيخِ طريقت، اميراهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي والدِ محترم جو وصالِ پرملال ٿيو انهيءَ مناسبت سان ڪجھ

انهن جي سيرت جي باري ۾ ٻڌون ٿا. سندن والدِ ماجد حاجي عبدالرَّحمن قادِري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه نيڪ سيرت، تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۽ شريعت وسُنَّت جا پيڪر هئا، اڪثر نگاهون هيٺ رکي ڪري هلڻ جا عادي هئا، سندن دل ۾ دنياوي مال ودولت گڏ ڪرڻ جي لالچ (Avarice) بلڪل نہ هئي. ابوعطار حاجي عبدالرَّحمن قادِري صاحب مسجدن سان مَحَبَّت ۽ انهن جي خوب خدمت ڪندا هئا. 1979 ۾ جڏهن شَيخِ طريقت، اميرِاَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ”ڪولمبو“(سي لنڪا) تشريف وٺي ويا تہ اتان جي ماڻهن کي والد صاحب کان گهڻو متاثر ڏٺائون، ڇوتہ سندن والد صاحب اتي جي عاليشان حَنَفي ميمن مسجد جا انتظامات سنڀاليندا هئا ۽ ان مسجد جي ڪافي خدمت بہ ڪئي هئي. پاڻ سلسلہ عاليہ قادِريہ ۾ بيعت هئا ۽ قصيده غوثيہ جو وِرد ڪندا ها، ڪولمبو ۾ قيام دوران اميرِ اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي ماسڙ گفتگو دوران سندن کي ٻڌايو تہ مون پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي تہ جڏهن ڪٿ تي ويهي اوهان جا والد صاحب قصيدهءِ غوثيہ پڙهندا هئا تہ انهن جي ڪٿ زمين کان بلند ٿي ويندي هئي.

## حج جي سفر ۾ وصال

اميرِ اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه عالَمِ شِير خوارگي (يعني کير پيئڻ جي عمر) ۾ ئي هئا جو سندن والدِ محترم ١٣٧٠ھ ۾ سفرِ حج تي روانا ٿيا. حج جي ڏينهن ۾ منيٰ ۾ سخت لُو (يعني گرم جهولا) هلڻ جي ڪري ڪيئي حاجي سڳورا

www.dawateislami.net

فوت ٿي ويا هئا، ابو عطار حاجي عبدالرحمن بہ مختصر علالت (بيماري) کان پوءِ ۱۴ذوالْحِجَّة الحرام ۱۳۷۰ھ تي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا.
(تعارفِ امير اهلسنت،ص۱۱)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! رِضاءِ الٰهي جي خاطر اسلافِ ڪرام جي قُربانين جي باري ۾ اسان بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

❀ رحمتِ عالميان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن بي شُمار قُربانيون ڏنيون، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ڏنل قُربانين کان ڪير واقف ناهي، اعلانِ رسالت ٿيندي ئي بدبخت ڪافرن جي طرفان ظلم ۽ جَفا جون آنڌيون هلڻ لڳيون،ڪڏهن ظُلم وسِتم جو زور وڌي ويوتہ ڪڏهن طرح طرح جا اِلزام لڳايا ويا. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ ڪوڙو، ڪاهن، جادُوگر چيو ويو، راھ ۾ ڪنڊا وڇايا ويا، پٿرن جو مينهن وسايو ويو، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ۽ ايمان آڻڻ وارن تي قاتلاڻا حملا ڪيا ويا،

❀ انبياءِ ڪرام، صحابہ ڪرام ۽ بعد ۾ ايندڙ بُزرگانِ دِين پنهنجي پنهنجي رتبي جي لحاظ کان راھ خدا ۾ قُربانيون ڏنيون ۽ قُربانين جو هي سلسلو اڄ تائين جاري آهي.

❀ الله عَزَّوَجَلَّ جي راھ ۾ قُربانيون ڏيڻ جي اِبتدا آدم عَلَيه السَّلام جي دَور کان ٿي ۽ هي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُوَالسَّلام جو مُبارڪ طريقو رهيو آهي.

❀حضرتِ سَيدُنا ابراهيمعَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا خاطر نہ صرف پنهنجي اولاد ۽ اهل و عيال(Family) کي ويران جهنگ ۾اڪيلو ڇڏي عظيم قرباني جو شرف حاصل ڪيو بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ پنهنجي اولاد قربان ڪرڻ کان بہ پوئتي نہ هٽيا.

❀ انبياءِ ڪرام کي راهہ خدا ۾ گهڻو ستايو ويو، ايستائين جو هڪ ڏينهن ۾ 43 نبين کي شهيد ڪيو ويو.

❀ انبياءِ ڪرام کي الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات تي ڪامل ڀروسو هو، تنهنڪري اهو ئي سبب آهي تہ حضرت سَيدُنا ابراهيمعَلَيهِ السَّلَام پنهنجي لختِ جگر حضرت اسماعيلعَلَيهِ السَّلَام کي راهہ خدا ۾ قربان ڪرڻ جي لاءِ هڪدم تيار ٿي ويا.

❀ انبياءِ ڪرام راهہ خدا ۾ايندڙ مصيبتن ۽ تڪليفن کي خوشي سان برداشت ڪيائون ۽ ثابت قدم رهيا.

❀ اسلافِ ڪرام رِضاءِ الٰهي جي خاطر دُنيوي وزارت ۽ مَنصَب کي خوشي سان قربان ڪندا هئا.

❀ اسلافِ ڪرام رضاءِ الٰهي جي خاطر پنهنجي جان، گهر بار ايستائين جو خاندان کي بہ قُربان ڪرڻ کان پاسو نہ ڪندا هئا.

❀ اسلافِ ڪرام جي زندگي جو هر لمحو جڻ تہ رِضاءِ الٰهي جي ڪمن جي لاءِ وقف هو.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اَسلافِ ڪرام جي طُفيل اسان کي بہ رضاءِ الٰهي جي خاطر قُربانيون ڏيڻ جو جذبو نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہ النَّبِي الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

دیتے ہیں فیض عام اَولیائے کِرام لوٹنے سب چلیں قافِلے میں چلو
اولیا کا کرم، تم پہ ہو لاجَرم خوب جلوے ملیں، قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿي، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

## سفر ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! سفر ڪرڻ جون ڪجھ سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: ۞ ٿي سگهي تہ جمعرات کان سفر جي شروعات ڪئي وڃي ڇوتہ جمعرات تي سفر جي شروعات ڪرڻ سنّت آهي. (اشعة اللمعات،۵/۱۶۱) ۞ جيڪڏهن سهولت هجي تہ رات جو سفر ڪيو وڃي ڇو تہ رات جو سفر جلدي طئي ٿيندو آهي ۞ نڪرڻ وقت عزيزن، دوستن سان ملو ۽ انهن کان غلطيون معاف ڪرايو ۽ جن کان معافي

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵

www.dawateislami.net

گهري وجي انهن تي بہ لازم آهي تہ دل سان معاف ڪري ڇڏين بهار شريعت حصہ6 ص19 ۞ اسان جڏهن بہ سفر تي روانا ٿيون تہ اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي گهروارن ۽ مال کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪري وڃون، **الله** تبارڪ وتعاليٰ ئي سڀ کان بهتر حفاظت ڪرڻ وارو آهي. ۞ ريل يا بس وغيره ۾ پيرو پوءِ چوي: بِسْمِ الله، الله اَكبَر ۽ سُبْحٰنَ الله 3، 3 ڀيرا، لَآاِلٰه اِلَّا الله هڪ ڀيرو پوءِ چوي: سُبْحٰنَ الَّذِيْ سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَمَا كُنَّا لَه مُقْرِنِيْنَ0 وَ اِنَّآ اِلٰي رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُوْنَ0 (پ٢٥، الزخرف١٣،١۴) **ترجموڪنزالايمان:** **پاڪائي آهي ان جي جنهن هن سواريءَ کي اسان جي قابو ۾ ڪري ڏنو ۽ اسان ان کي قابو ۾ رکي سگهڻ وارا نہ هئاسين ۽ بيشڪ اسان کي پنهنجي رب جي طرف موٽڻو آهي.** (فتاويٰ رضويہ ، ٧٢٨/١٠) ۞ سفر کان واپسيءَ تي گهروارن جي لاءِ ڪو تحفو (Gift) آڻيو. سرڪار مدينہ، قرارِ قلب و سينہ، باعثِ نزولِ سڪينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جڏهن سفر کان ڪو واپس اچي تہ گهر وارن جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ تحفو آڻي، جيتوڻيڪ جهوليءَ ۾ پٿر (Stone) ئي ڪڻي اچي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتين ۽ آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net